هفتيوار رسالو :355
WEEKLY BOOKLET:355

# دنيا جي مَحبّت

SINDHI



دنيا جو مطلب

زهد ۽ فقر ۾ فرق

زُهد جا درجا

زُهد جو ڪمال


پيشڪش:
المدينة العلمية (دعوتِ اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ **اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **دنيا جي مَحبت**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# دنيا جي محبت

**پيشڪش**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار ٿيو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# دنيا جي محبت

دعاءِ عطار: يا ربَّ المُصطفيٰ! جيڪو بہ ھي مڪمل رسالو ”دنيا جي محبت“ پڙھي يا ٻڌي وٺي ان کي پنھنجي سواءِ ڪنھن جو محتاج نہ ڪر ۽ ان جي دل مان دنيا جي محبت ڪڍي، حقيقي عاشقِ رسول بڻاءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## روزي ۾ برڪت جو بھترين وظيفو

الله پاڪ جي پياري پياري، آخري نبي مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ ھڪ شخص حاضر ٿيو، ۽ پنھنجي تنگدستي ۽ غريبي جي شڪايت ڪيائين، پاڪ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ان کي (روزي ۾ برڪت جو وظيفو ٻڌائيندي) فرمايو: جڏھن تون پنھنجي گھر ۾ داخل ٿئين تہ گھر وارن کي سلام ڪر! جيڪڏھن گھر ۾ ڪوبہ نہ ھجي تہ مون تي سلام عرض ڪر ۽ (پوءِ) ھڪ ڀيرو سورهءِ اخلاص پڙھندو ڪر. ان شخص ان تي عمل ڪيو تہ الله پاڪ (ان جي برڪت سان) ان شخص تي رزق جا دروازا کولي ڇڏيا ايستائين جو ان پنھنجي رزق مان پنھنجي پاڙي وارن ۽ رشتيدارن کي بہ فائدو پھچايو. (القول البديع، ص 273)

حاجتیں سب روا ہوئیں اُس کی ہے عَجَب کیمیا دُرود شریف
(دیوانِ کافی، ص 27)

الفاظ ۽ معنيٰ: حاجتون، ضرورتون. رَوا ٿيڻ: پوريون ٿيڻ. عجب: عجيب. ڪيميا: مقصد حاصل ڪرڻ جو ذريعو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مان دنيا آهيان (واقعو)

عظيم تابعي بزرگ، حضرتِ حميد بن هِلال رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان مروي آهي ته حضرت عَلاء بن زِياد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: هڪ ڀيري خواب ۾ مون ماڻهن کي ڪنهن شيءِ جي پنيان ويندي ڏٺو ته مان به ان جي پنيان هلڻ لڳس، جڏهن مون ڏٺو ته اها ٽُنل ڏندن واري ڪاٽي پوڙهي هئي جيڪا طرح طرح جي زيورن سان آراسته ٿيل هئي، مون پڇو: تون ڪير آهين؟ چيائين: مان دنيا آهيان،. مون چيو: مان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ٿو ڪريان ته هو منهنجي دل ۾ تنهنجي لاءِ بغض ۽ نفرت وجهي ڇڏي، ان چيو: جي ها! جيڪڏهن توهان مال ۽ دولت کان نفرت ڪندؤ ته مون کان ازخود نفرت پيدا ٿي ويندي.

(الزہد لامام احمد، ص 265، حديث: 1429)

دُنیا کو تُو کیا جانے یہ بِس کی گانٹھ ہے حرافہ
صورت دیکھو ظالم کی تو کیسی بھولی بھالی ہے
شہد دکھائے زہر پلائے، قاتل، ڈائن، شوہر کُش
اس مردار پہ کیا للچایا، دُنیا دیکھی بھالی ہے

(حدائقِ بخشش، ص 186)

شرح ڪلامِ رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دنيا جو ڌوڪو ۽ فريب بيان ڪندي فرمائن ٿا: الله جا ٻانها! تون دنيا کي ڪٿي ٿو ڄاڻين؟ شڪل ۽ صورت ۾ صفا سادي نظر اچڻ واري هي

دنيا ”زهر جي پُڙي“ آهي، هي فريبي عورت جيان آهي، هي اهڙي ظالم آهي جو زهر کي ماکي بڻائي ڪري ڏيکاريندي آهي ۽ جيڪو هن سان محبت ڪندو آهي هي ان پنهنجي عاشق کي ئي ماري ڇڏيندي آهي، هي دنيا نهايت خراب ۽ ڊوند آهي هن سان دل لڳائڻ جو ڪو فائدو ئي ناهي هي آزمايل ڳالهه آهي.

عالَم اِنقلاب ہے دنیا چند لمحوں کا خواب ہے دنیا
فخر کیوں دل لگائیں اِس سے نہیں اچھی خراب ہے دنیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا جو مطلب

امام جوهَري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ چون ٿا: دنيا جي لغوي معنيٰ آهي ”ويجهو“ ۽ دنيا کي دنيا ان ڪري چوندا آهن جو هي آخرت جي مقابلي ۾ انسان کي گهڻو ويجهو آهي يا ان ڪري جو هي پنهنجي خواهشن ۽ لذتن جي ڪري دل جي تمام ويجهو آهي.

(اصلاحِ اعمال، 128/1) (الحديقة الندیہ، 65/1)

## دنيا جي مَحبت جي بُرائي

نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اهو وڏو گناهه جنهن جي ماڻهو الله پاڪ کان مغفرت طلب ناهن ڪندا ”دنيا جي محبت“ آهي. (فردوس الاخبار، 402/1، حديث: 2990) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: حُبُّ الدُّنْيَا رَاْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ يعني دنيا جي محبت تمام گناهن جي پاڙ آهي.

(موسوعہ لابن ابی الدنيا، 22/5، حديث: 9)

حضرت علامہ عبدُ الرؤف مناوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فيضُ القدير ۾ فرمائن

ٿا: جيئن تہ تجربي ۽ مشاهدي مان ثابت آهي تہ دنيا جي محبت ظاهري ۽ پوشيده هر گناهہ کي دعوت ڏيندي آهي، خاص طور تي اهي گناهہ جن جو دارو مدار صرف انهيءَ تي هجي، ان ڪري دنيا جو عاشق گناهہ ۽ ان جي بُري شڪل کي ڄاڻڻ جي باوجود دنيا جي محبت ۾ مست ٿي ويندو آهي. دنيا جي محبت شڪ ڏانهن وٺي ويندي آهي پوءِ مڪروهہ (يعني ناپسنديده شين) ڏانهن پوءِ حرام ڏانهن ۽ پوءِ (معاذَ الله) ڪڏهن ڪڏهن دنيا جي محبت ڪُفر ڏانهن وٺي ويندي آهي بلڪ تمام اُمتون جن پنهنجي نبين سڳورن عَلَيهِمُ السَّلَام جو انڪار ڪيو انهن جي ڪُفر جو سبب دنيا جي محبت هئي. هر گناهہ جي اصل (يعني پاڙ) دنيا جي محبت آهي، ان ڪري چيو ويندو آهي تہ دنيا شيطان جو شراب آهي جيڪو هن مان پيئندو ان جو نشو مرڻ وقت ئي لهندو پڇتائيندي ۽ شرمنده ٿيندي، دنيا جي محبت برباد ڪري ڇڏيندي آهي ڪجهہ ماڻهن کان علاوه گهڻن جي دلين مان دنيا جي محبت نہ نڪرندي. (فيض القدير، 487/3، تحت الحديث: 3662 ملخصاً) امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيئن دنيا جي محبت تمام گناهن جي پاڙ آهي ائين ئي دنيا کان نفرت تمام نيڪين جي اصل آهي.

(التيسيربشرح جامع الصغير، 492/1)

ہمارے دل سے نکل جائے الفتِ دنیا — دے دل میں عشقِ محمد مرے رچا یارب

(وسائلِ بخشش،ص 82)

## دنيا جي محبت جا ڪجهہ قِسمَ

ڪجهہ دنيا ڪُفر آهي، ڪجهہ فسق، ڪجهہ غفلت ۽ ڪجهہ دنيا عَين ايمان، ابوجهل جي دنيا ڪُفر هئي ۽ حضرت عثمانِ غَني ذُوالنُّورَين

(رَضِیَ اللہُ عَنْہ) جي عَين ايمان، اهڙي طرح قارون ۽ فرعون جي دنيا ڪُفر هئي، حضرت سُليمان عَلَیْہِ السَّلَام جي دنيا عَين ايمان هئي، ائين ئي جيڪڏهن دنيا جي محبت نفساني يا شيطاني هجي تہ بُري ۽ رحماني يا ايماني هجي تہ چڱي آهي. (تفسيرِ نعيمی، 287/4)

حضرتِ مُفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: دنياوي زندگي اها آهي جيڪا نفساني خواهشن ۾ خرچ ٿئي ۽ جيڪا زندگي آخرت جي تياري ۾ خرچ ٿئي اها دنيا جي زندگي ناهي جيتوڻيڪ دنيا ۾ زندگي آهي. دنيا جي زندگي ٻي آهي. دنيا ۾ زندگي ڪجھ ٻي آهي. دنيا جي زندگي فاني آهي پر دنيا ۾ زندگي آخرت جي لاءِ آهي، فنا نہ آهي. (اچھے بُرے عمل، ص72)۔ (تفسير نور العرفان، ص 932 ملخصاً)

## دنيا جي طلبگارن جا قِسمَ

(1) اهي ماڻهو جيڪي دنيا جو مال هن نيت سان حاصل ڪندا آهن تہ رشتيدارن سان صلهءِ رَحمي ڪنداسين ۽ غريبن جي مدد ڪنداسين انهن جي ڳڻپ سخين ۾ ٿيندي آهي جيڪڏهن سندن عمل انهن جي نيت جي مطابق هجن تہ اجر ماڻيندا پر ان جي باوجود انهن ۾ ڪا سمجهداري نہ آهي چوتہ عقلمند اهو هوندو آهي جيڪو ڪنهن اهڙي شيءِ جي خواهش نہ ڪري جنهن جي باري ۾ ان کي خبر نہ هجي تہ ان کي حاصل ڪرڻ کان بعد ان جو ڇا حال ٿيندو. تنهنڪري ان نيت سان مال حاصل ڪرڻ وارا ”ثعلبہ“ جي قصي مان عبرت حاصل ڪن. (اچھے بُرے عمل، ص 65) ۔(رسالة المذاكرة، ص41)

## ثعلبہ (لالچي شخص) جو قصو

اللّٰہ پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ ھڪ شخص درخواست ڪئي تہ منھنجي لاءِ مالدار ٿيڻ جي دعا فرمايو. اللّٰہ پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري آخري نبيصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي ثعلبہ ٿورو مال جنھن جو تون شڪر ادا ڪري سگھين ان ڪان بھتر آھي جنھن جو شڪر ادا نہ ڪري سگھين. وري ٻيھر ثعلبہ حاضر ٿي ڪري اھا ئي درخواست ڪئي ۽ چيائين: اُن جو قسم جنھن توھان کي سچو نبي بڻائي ڪري موڪليو تہ جيڪڏھن اھو مون کي مال ڏيندو تہ مان ھر حق واري جو حق ادا ڪندُس. حضورِ اقدسصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ دعا فرمائي، جيئن تہ اللّٰہ پاڪ سندس ٻڪرين ۾ برڪت وڌي ۽ ايتريون ٻڪريون وڌيون جو مديني منوره ۾ سندس ٻڪرين جي گنجائش نہ رھي سو ثعلبہ ٻڪريون ڪاھي جھنگل ۾ ھليو ويو ۽ جمعي ۽ جماعت جي حاضري کان بہ محروم ٿي ويو. حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اُن جي باري ۾ پڇا ڪئي؟ تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو تہ ان وٽ مال تمام گھڻو ٿي ويو آھي ۽ ھاڻي تہ جھنگ ۾ بہ سندس مال (ٻيھارڻ) جي گنجائش نہ رھي. پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ثعلبہ تي افسوس! پوءِ جڏھن پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ زڪوٰة وٺڻ وارن کي موڪليو تہ ماڻھن کين پنھنجا پنھنجا صدقا ڏنا، جڏھن اُن لالچي شخص کان انھن صدقو گھريو تہ ھن چيو: ھي تہ ٽيڪس ٿي ويو، توھان وڃو مان پھريان سوچي وٺان. جڏھن ھي ماڻھو رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ واپس آيا تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ انھن جي ڪجھ عرض ڪرڻ کان پھريان ئي 2 ڀيرا فرمايو: ثعلبہ تي

افسوس! اُن ڪان پوءِ هي آيت ڪريمہ نازل ٿي:

وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنۡ اٰتٰنَا مِنۡ فَضۡلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَ لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۷۵﴾ فَلَمَّاۤ اٰتٰهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ بَخِلُوۡا بِهٖ وَ تَوَلَّوۡا وَّ هُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۷۶﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن ۾ ڪجھ اُهي آهن جن الله سان وعدو ڪري رکيو آهي تہ جيڪڏهن الله اسان کي پنهنجي فضل سان ڏيندو تہ اسان ضرور صدقو ڪنداسين ۽ اسان ضرور صالحن مان ٿينداسين. پوءِ جڏهن الله انهن کي پنهنجي فضل سان عطا ڪيو تہ ان ۾ بخل ڪرڻ لڳا ۽ منهن ڦيري ويا.(پاره:10،سورة توبہ:75-76)

پوءِ ثعلبہ صدقو ڪٺي ڪري حاضر ٿيو تہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ الله پاڪ مونکي هن کي قبول فرمائڻ کان منع ڪري ڇڏيو آهي، اهو پنهنجي مٿي ۾ ڌوڙ وجهي واپس ٿيو. پوءِ ان صدقي کي صِديقي خلافت ۾ مسلمانن جي پهرين خليفي حَضرت ابوبڪر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ ڪٺي آيو انهن بہ هن کي قبول نہ فرمايو. وري خلافتِ فاروقي ۾ مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ ڪٺي آيو انهن بہ هن کي قبول نہ فرمايو ۽ خلافتِ عثمانيہ ۾ هي شخص هلاڪ ٿي ويو. (تفسير نسفى، پ 10، التوبۃ: 75)

بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ شيخِ طريقت اميراهلسنت تمام خوبصورت آرزو جو اظهار ڪن ٿا:

نہ مجھ کو آزما دنیا کا مال و زَر عطا کر کے
عطا کر اپنا غم اور چشمِ گِریاں یارسول اللہ
(وسائلِ بخشش، ص 340)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) دنيا طلب ڪرڻ وارن جو ٻيو قِسم

ان جا ٻہ ٻہ قسم آهن: (1) دنيا جي طلبگارن جي هن قسم ۾ اهي ماڻهو داخل آهن جن جو دنيا ۾ مقصد خواهشن ڪي پورو ڪرڻ ۽ دنياوي لذتن مان لطف اندوز ٿيڻ هوندو آهي اهڙن جو شمار جانورن ۾ ڪيو ويو آهي. (2) اهي ماڻهو جيڪي ٻين تي فخر ڪرڻ ۽ وڏو مالدار بڻجي ڪري نمايان نظر اچڻ جي لاءِ مال حاصل ڪندا آهن هي بي وقوفن، ڌوڪي بازن بلڪ مَردودن ۽ مَلعونن ۾ شمار ٿيندا آهن.
(اچھے بُرے عمل، ص67)۔ (رسالة المذاكرة، ص41)

## دنيا سان محبت ڪرڻ وارن جو انجام

حضرت ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن دنيا کي هڪ بدصورت اکين واري پوڙهي جي صورت ۾ آندو ويندو، ان جا ڏند اڳيان نڪتل هوندا ۽ اها تمام بدصورت هوندي، اها ماڻهن ڏانهن متوجه ٿيندي تہ انهن کان پڇيو ويندو: ڇا هن کي سڃاڻو ٿا؟ اهي چوندا اسان هن جي سڃاڻپ کان اللّٰه پاڪ جي پناهہ گهرون ٿا تہ چيو ويندو هي دنيا آهي جنهن تي توهان فخر ڪندا هئا هن جي ڪري رشتيدارن سان تعلقات ختم ڪندا هئا هن جي ڪري ئي هڪٻئي کان حسد ڪندا، دشمني ڪندا ۽ غرور ڪندا هئا پوءِ ان کي جهنّم ۾ وڌو ويندو تہ اها آواز ڏيندي: اي منهنجا رب! منهنجي اتباع ڪرڻ وارا ۽ منهنجي جماعت ڪٿي آهي؟ اللّٰه پاڪ فرمائيندو: انهن کي بہ هن سان گڏ ڪري ڇڏ. ( موسوعہ لابن ابی الدّنیا، 72/5، رقم: 123)

## دنيا جا ٽي حصا

(1) جنهن ۾ ثواب آهي: هي اهو حصو آهي جنهن جي وسيلي سان

ٻانهو ڀلائي تائين پهچندو آهي ۽ بُرائي کان نجات ماڻيندو آهي. هي مومن جي سواري، آخرت جو انعام ۽ ڪفايت ڪرڻ واري حلال روزي آهي.

(2) جنهن جو حساب آهي: هي اهو حصو آهي جنهن سبب تون ڪنهن حڪم جي ادائيگي کان غافل نہ ٿئين ۽ ان جي طلب ۾ ناجائز ڪم نہ ڪرين ۽ ان جا اهل اهي امير آهن جن جو حساب ڏکيو ٿيندو، فقير انهن کان پنج سؤ سال پهريان جنّت ۾ داخل ٿي ويندا.

(3) جنهن ۾ عذاب آهي: هي اهو حصو آهي جنهن ۾ ٻانهو تمام ضروري ڪمن جي ادائيگي کان پري ٿي ڪري گناهن ۾ مُبتلا ٿي ويندو آهي، جيڪو هن حصي جو مالڪ ٿيندو هي ان کي باھ جي طرف وڌائيندو ۽ نقصان واري گهر ۾ ڏِڪي ڇڏيندو.

(اچھے بُرے عمل، ص 64)۔(رسالۃ المذاکرۃ، ص41)

## دنيا جو عيش و آرام ڪجھ نہ آهي

صحابيءِ رسول، حضرت ابوذر رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي آهي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مان نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ پهتس جڏهن تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪعبةُ الله شريف جي ڇانوَ ۾ تشريف فرما هئا، جڏهن پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم مونکي ڏٺو تہ ارشاد فرمايائون: ”ڪعبي جي ربَّ جو قسم! اهي سڀ کان وڌيڪ نقصان کڻڻ وارا آهن.“ حضرت اَبوذَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: ”مان ويجهو اچي ڪري ويهي رهيس جڏهن تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بار بار اهو ئي فرمائي رهيا هئا، ايستائين جو مون اٿي ڪري عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! اهي ڪهڙا ماڻهو آهن؟“ تہ حضور نبي ڪريم

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اهي مال ۽ دولت جي ڪثرت وارا هوندا پر اهي جيڪي ساجي، کابي، اڳيان پويان خرچ ڪن ۽ اهي نهايت ئي ٿورا هوندا ۽ جيڪو به اٺ يا ڍڳي (ڳئون) يا ٻڪرين جو مالڪ هجي ۽ انهن جي زڪوات ادا نه ڪري ته اهي (جانور) قيامت جي ڏينهن پهريان کان وڏيڪ وڏا ۽ ٿلها ٿي ڪري ايندا ۽ پنهنجي مالڪ کي سِڱن سان ماريندا ۽ کُرن سان لتاڙي ڇڏيندا ايستائين جو تمام ماڻهن جو حساب ۽ ڪتاب ختم ٿي ويندو“.

(مسلم، ص 385، حديث: 2300)

| | |
|---|---|
| تجھ کو غافِل فِکرِ عُقبیٰ کچھ نہیں | کھا نہ دھوکا، عیشِ دُنیا کچھ نہیں |
| زِندگی ہے چند روزہ کچھ نہیں | کچھ نہیں اس کا بھروسہ کچھ نہیں |
| ایک دِن مرنا ہے، آخر موت ہے | کر لے جو کرنا ہے، آخر موت ہے |
| عیش کر، غافِل نہ تُو آرام کر | مال حاصِل کر، نہ پیدا نام کر |
| یادِ حق دُنیا میں صُبح وشام کر | جس لئے آیا ہے تُو وہ کام کر |
| ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے | کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شيطاني وسوسن جو جواب

ڪجھ ماڻهو ڏوکو کائيندا آهن ۽ هي سمجهندا آهن ته اسان جو بدن دنيا ۾ ڪيترو به مصروف رهي پر اسان جي دل دنيا کان فارغ ۽ خالي رهندي آهي، هي شيطاني وسوسو آهي، پلا هي ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ڪو شخص دريا ۾ هلي ۽ پيرَ نه پُسَن. دنيا جي مثال سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جيان آهي جو جيترو پيئندؤ اوترو اُڃ وڌيڪ لڳندي، دنيا جي مال ۽ دولت کي پنهنجي اطمينان جو ذريعو

سمجھڻ وڏي بي وقوفي آھي جتي ھميشہ رھڻو نہ آھي اتي اطمينان ڪھڙو..؟

(خطباتِ امام غزالی، ص124)۔ (الاربعین فی اصول الدین، ص 155)

## دنيا جي محبت جو علاج

دنيا جي رغبت جا ٻہ قسم آھن: ھڪ اھو جيڪو دنيادار کي آخرت جي عذاب جو حقدار بڻائيندو آھي ان کي حرام چوندا آھن. ٻيو اھو جيڪو اعليٰ درجات تائين پھچڻ ۾ رڪاوٽ آھي ۽ ان کي ڏکھي حساب ۾ ڦاسائڻ وارو آھي ان کي حلال چوندا آھن ۽ سمجھدار ماڻھو ڄاڻيندو آھي تہ قيامت جي ميدان ۾ حساب و ڪتاب جي لاءِ گھڻي دير تائين بيھڻ بہ ان جي لاءِ عذاب آھي تہ جنھن کي حساب ۾ وِڌو ويو ان کي عذاب ڏنو ويو آھي. چوتہ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھن (دنيا) جي حلال تي حساب ٿيندو ۽ حرام تي عذاب ٿيندو. ۽ ھي بہ فرمايائون تہ ھن جي حلال تي عذاب آھي پر ھن جو عذاب حرام جي عذاب کان ھلڪو آھي ۽ جيڪڏھن حساب نہ بہ ھجي تڏھن بہ جنت ۾ حاصل ٿيڻ وارن بُلند درجن جو ضايع ٿي وڃڻ ۽ حقير ۽ بيڪار دنيا جيڪا ختم ٿيڻ واري آھي ان جي لاءِ افسوس ڪرڻ بہ عذاب آھي تہ ھن ڳالھ کي دنيا ۾ ئي ڏسي وٺو تہ جڏھن توھان پنھنجي زماني جي ماڻھن کي دنياوي سعادتن ۾ اڳتي ڏسندا آھيو تہ توھان جي دل ۾ڪيتري قدر افسوس پيدا ٿيندو آھي حالانڪ توھان ڄاڻو ٿا تہ ھي عارضي (Temporary) ۽ فاني سعادتون آھن ۽ ميريون آھن، انھن ۾ ڪا صفائي نہ آھي. تہ اھا سعادت جنھن جي عظمت بيان کان ٻاھر آھي ان جي کسجي وڃڻ تي ڪيڏو افسوس ٿيڻ گھرجي؟ ڪيئي زمانا گذري ويا پر اھي اجان باقي

آهن. مطلب تہ قيامت جي ڏينهن سوال جو جواب ڏيڻ ۾ ذلت. خوف، خطرو، مشقت ۽ انتظار آهي ۽ هي سڀ ڪجهہ آخرت جي نقصان جو باعث آهي تہ دنيا توري هجي يا گهڻي حرام هجي يا حلال جيستائين تقويٰ تي مددگار نہ هجي مَلعون آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو الله پاڪ انبياءِ ڪرام (عَلَيهِمُ السَّلَام)، اولياءِ ڪرام (رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم) ۽ وري انهن کان بعد بين نيڪ ٻانهن کي انهن جي مرتبي جي اعتبار سان آزمائشن ۾ مبتلا ڪندو آهي هي سڀ انهن تي شفقت ۽ احسان جي طور تي ٿيندو آهي تہ جيئن انهن کي آخرت ۾ وڏيڪ حصو ملي. (احياء العلوم، 272/3)

عالَمِ اِنقِلاب ہے دنیا چند لمحوں کا خواب ہے دنیا
فخر کیوں دل لگائیں اِس سے نہیں اچھی خراب ہے دنیا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دل مان دنيا جي محبت ڪڍڻ جو سبب

دنيا جي ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي باوجود تنهنجو آخرت جي لاءِ فڪر ڪرڻ ۽ ان جو شُعور رکڻ، تنهنجي دل مان دنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيندو. ۽ انهي کي حقيقي زُهد چئبو آهي ۽ هي هميشہ هميشہ جي لاءِ توڪي الله پاڪ جي ويجهو ڪري ڇڏيندو.
(دُنیا سے بےرغبتی اور اُمیدوں کی کمی، ص29)

دنيا جي معاملي ۾ هميشہ پاڻ کان هيٺيَن ماڻهن ڏانهن ڏسي، مٿين ڏانهن نہ ڏسي ڇوتہ شيطان هميشہ ان جي نظر کي مٿين ڏانهن ڦيريندو آهي. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ موقعي تي ارشاد فرمايو: جيڪو الله پاڪ ۽ ان جي آخري

نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري ڪندو رهندو آهي، دنيا ان جي خدمت ۾ لڳل رهندي آهي. (امیرِ اہلِ سنّت کی 786 نصیحتیں ،ص15)

## دنيا جي محبت کان ڇوٽڪاري جو بهترين طريقو

امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: توهان کي دنيا کي ڇڏڻ ۽ مال ورهائڻ تي اُڀارڻ وارا اسباب هي آهن: دنيا جي آفتن ۽ ان جي عيبن کي ياد ڪرڻ، هن ڳالهه کي ذهن ۾ رکڻ ته دنيا جو نفعو تمام گهٽ ۽ جلدي ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ دنيا جا سيئي طلبگار بيڪار آهن، پوءِ ان ڳالهه کي ياد ڪرڻ ته مون تي الله پاڪ جون ڪوڙ نعمتون آهن حالانڪ مان ان جي راهه ۾ اوترو خرچ نه آهيان ڪندو جيترو هو مونکي عطا ڪندو آهي. جڏهن توهان هنن ڳالهين ۾ چڱي طرح غور ڪندؤ ته توهان تي دنيا کي ڇڏڻ ۽ مال ورهائڻ جو معاملو آسان ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح هي به ياد رکو ته دنيا الله پاڪ جي دشمن آهي ۽ توهان الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارا آهيو جيڪو ڪنهن کي دوست ۽ محبوب رکي ان جي دشمن کي دشمن سمجهندو آهي. دنيا حقيقت ۾ ڪِن ڪيچرو ۽ ڊوند آهي، چا توهان ڏسندا ناهيو ته ان جا مزيدار ڪاڌا ٿوري دير کان پوءِ خراب ۽ بدبودار ٿي ويندا آهن. سو دنيا خوشبو ۾ مِليل اهڙو ڊوند آهي جنهن جي ظاهر کي ڏسي ڪري ماڻهو ڏوکي ۾ پئجي ويا ۽ عقلمند ماڻهن هن کان علحيدگي اختيار ڪري ورتي. (منہاج العابدین،ص30)

تابعي بزرگ، حضرت ربيع بن خُثَيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پنهنجي دلين مان دنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيو، آخرت جي محبت انهن ۾ داخل ٿي ويندي. (فیض القدیر، 487/3، تحت الحدیث: 3662)

## زُهد ۽ فقر ۾ فرق

دنيا پاڻ بانهي کان الڳ ٿئي هن کي فقر (يعني غريبي) چئبو آهي ۽ بي صورت هي آهي تہ بانهو دنيا کان الڳ ٿئي، مطلب هي آهي تہ ان وٽ مال اچي تہ اهو نفرت جي ڪري ان کي ناپسند ڪري، مال جي اچڻ تي ان کي تڪليف ٿئي، پڻ ان جي شر ۽ ان ۾ مشغول ٿيڻ کان بچڻ جي لاءِ ان کان الڳ راهہ اختيار ڪري. هن حالت جو نالو ”زُهد“ آهي ۽ جنهن شخص ۾ هي صِفت لڌي وڃي ان کي ”زاهد (دنيا کان پاسو ڪرڻ وارو)“ چوندا آهن. (احياءالعلوم، 234/4)

## زُهد جي فضيلت

صحابيءِ رسول، حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: (دنيا جي معاملي ۾) پاڻ کان هيٺين (سطح واري) کي ڏسو ۽ پاڻ کان مٿين (سطح واري) کي نہ ڏسو هي توهان جي لاءِ بهترين نصيحت آهي تہ جيئن توهان الله پاڪ جون نعمتون نہ وڃائي ويهو. (مسلم، ص 1211، حديث: 7430)

صحابيءِ رسول، حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ٻانهو جڏهن دنيا کان بي رغبت ٿيندو آهي تہ ان جي دل حڪمت سان روشن ٿيندي ۽ عضوا (جسم جا حصا) عبادت تي مددگار ٻڻجي ويندا آهن. (منہاج العابدين، ص 29)

## زُهد جا ٽي مرتبا

حضرتِ ابراهيم بن اَدهم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: زُهد جا ٽي مرتبا آهن: هڪ زُهد فرض آهي ۽ اهو الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کان

رڪجڻ آهي. ٻيو زهد سلامتي جي لاءِ آهي ۽ شڪ ۽ شبهي وارين شين کي ڇڏڻ آهي. ٽيون زهد فضيلت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آهي ۽ اهو الله پاڪ جي حلال ڪيل شين کي بہ ڇڏڻ ۾ آهي ۽ هي زهد جو نهايت ئي اعليٰ مرتبو آهي. (مڪاشفة القلوب، ص 242)

## زهد جون علامتون

(1) جيڪا شيءِ موجود هجي ان تي خوش نہ ٿئي ۽ جيڪا شيءِ موجود نہ هجي ان تي غمگين بہ نہ ٿئي. (2) ان جي ويجهو بُرو چوڻ وارو ۽ تعريف ڪرڻ وارو ٻئي برابر هجن. پهرين علامت مال ۾ زهد جي علامت آهي ۽ ٻي جاهـ(شان) ۾ زهد جي علامت آهي. (3) الله پاڪ سان مانوس هجي ۽ ان جي دل تي الله پاڪ جي اطاعت جي مٺاڻ غالب هجي. (احياء العلوم، 298/4 ملخصاً)

## زهد جا اقسام

زُهد (يعني دنيا کان پاسو ڪرڻ) جي ڪري عبادت گهٽي ۽ بلند مرتبي واري ٿي ويندي آهي تنهنڪري عبادت جي طلبگار تي لازم آهي تہ اهو دنيا کان بي رغبت ٿي وڃي ۽ ان کان پري رهي. زهد جا بہ قِسم آهن: (1) ... اِختياري ۽ (2) ... غير اختياري.

اِختياري زهد اهو آهي تہ جيڪو موجود نہ هجي ان جي طلب نہ ڪري، جيڪو موجود هجي ان کي ورهائي ڇڏي ۽ دنيا ۽ ان جي مال متاع جو ارادو ڇڏي ڏي. جنهن شخص ۾ هي ٽي خوبيون موجود هجن اهو زاهد آهي، ٽئين جُز يعني دنيا جي طلب بہ دل مان ڪڍڻ نهايت مشڪل آهي ڇوتہ ڪوڙ اهڙا آهن جيڪي مٿان مٿان تہ تارڪِ

دنيا (يعني دنيا کي ڇڏڻ وارا) آهن پر انهن جي دلين ۾ بہ دنيا جي محبت موجود هوندي آهي اهڙو شخص انهيءَ جاکوڙ ۾ مبتلا رهندو آهي، حالانڪ زُهد جي اَصل شان انهيءَ ٿئين جُز مان پيدا ٿيندي آهي.

غير اختياري زُهد هي آهي تہ دل دنياوي شين جي شوق ۽ خيالن کان پاسو ڪري. جڏهن ٻانهو اختياري زُهد اپنائيندو، ايئن جو جيڪو موجود نہ آهي ان کي طلب نہ ڪري، جيڪو موجود آهي ان کي پري ڪري ڇڏي ۽ دل مان دنيا جو ارادو بہ ڪڍي ڇڏي تہ پوءِ ان جي دل دنيا کان پاسو ڪري ويندي، دنيا ان جي ويجهو حقير ٿي ويندي ۽ ان کي دنيا جو خيال نہ ايندو ۽ هي غير اختيار زُهد آهي.
(منہاج العابدين، ص 29)

## زُهد جا درجا

(1) انسان تَڪَلُّف(زبردستي) سان دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪري ۽ پنهنجي خواهشن جي باوجود انهن کي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪري تہ اهڙو شخص مُتَزَهّد آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو ان تي هميشگي اختيار ڪري زُهد کي حاصل ڪري وٺي.

(2) اهو پنهنجي خوشيءَ سان دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪري يعني جنهن شيءِ جي لالچ ڪري رهيو آهي ان جي مقابلي ۾ دنيا کي حقير سمجهي جيئن ڪو شخص ٻن درهمن جي لاءِ هڪ درهم ڇڏي ڏيندو آهي ۽ هيءَ شيءِ ان تي مشڪل ناهي هوندي پر ان جي توجه دنيا ۽ پنهنجي نفس جي طرف بہ رهندي آهي (يعني اهو خيال ڪندو آهي تہ ان اهم شيءِ کي ڇڏيو آهي) ۽ هي بہ زُهد آهي، پر ان ۾ نقصان جو انديشو آهي.

(3) ٽيون درجو سيني کان اعليٰ آهي ۽ اهو هي آهي ته ٻانهو خوشيءَ سان زُهد اختيار ڪري ۽ پنهنجي زُهد ۾ مبالغو اختيار ڪري ۽ هي خيال نه ڪري ته ان ڪا شيءِ ڇڏي آهي ان ڪري جو اهو ڄاڻي ٿو ته دنيا ڪا شيءِ نه آهي، دنيا جي آخرت جي مقابلي ۾ ڪا اهميت نه آهي. اعليٰ درجو هي آهي ته توهان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ان(الله پاڪ) کان علاوه هر شيءِ کان بي رغبت ٿي وڃو ۽ هي شيءِ الله پاڪ (جي ديدار) جي لذت ۽ ان کان علاوه هر نعمت کان زُهد اختيار ڪرڻ جي سڄاڻپ سان حاصل ٿيندي آهي تنهنڪري توهان کي گهرجي ته پنهنجي ضرورت جي مطابق کائڻ، لباس، نڪاح ۽ رهائش اختيار ڪيو، جنهن سان توهان جي بدن جو گذارو ٿئي ۽ توهان پنهنجو دفاع ڪري سگهو، هيءُ ئي حقيقي زُهد آهي.

(لباب الاحياء، ص 333) ـ (مختصر احياء علوم الدين، ص296)

## زُهد جي حصول جا اسباب

زُهد جو مقصد هي آهي ته فضول، اجاين ۽ غيرضروري شين کان بچو وڃي مطلب ته صرف ايتري قدر طاقت ۽ قدرت موجود رهي جنهن سان عبادت ۽ الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪري سگهو. صرف کائڻ پيئڻ ۽ لذت حاصل ڪرڻ مقصد نه هجي ۽ الله پاڪ کي ان تي به قدرت آهي جو توهان کي بنا ڪنهن ظاهري سبب جي جيئن ملائڪ هنن مادي سببن ۽ ذريعن جي بغير ئي زنده آهن، الله پاڪ کي هن جي به طاقت آهي ته توهان کي توهان وٽ موجود شيءِ جي ذريعي زنده رکي يا اهڙي شيءِ عطا فرمائي ڇڏي جنهن جو توهان کي وهم ۽ گمان به نه هجي ان ڪري جيڪڏهن توهان تقويٰ تي قائم رهندؤ ته توهان کي حياتي جي لاءِ دنيا جي طلب وغيره جي

حاجت ناهي ۽ جيڪڏهن زهد جو هي درجو توهان کي حاصل نہ هجي تہ آخرت جي سامان ۽ تقويٰ جي نيت سان تلاش ڪيو. شهوت ۽ لذت جي مطلب سان نہ ڳوليو ڇو تہ جڏهن توهان جي نيت نيڪ هوندي تہ هي آخرت جي طلب ۾ ئي شمار ٿيندي ۽ هن طرح توهان جي زُهد ۾ ڪو فرق نہ ايندو. (منہاج العابدین ،ص 32)

(1) ڪڏهن تہ دوزخ جو خوف ۽ عذاب جو انديشو زُهد جو سبب بڻجي ويندو آهي ۽ هن درجي کي خائفين جو زُهد چوندا آهن. (2) ڪڏهن آخرت جي نعمتن جي لذت زُهد جو سبب بڻجي ويندي آهي ۽ هن کي راجين جو زُهد چوندا آهن هي پهرين درجي واري کان وڌيڪ آهي. (3) هي سيني کان اعليٰ آهي الله پاڪ کان علاوه ڏانهن بي توجهي ۽ نفس جو الله پاڪ کان علاوه کي حقير سمجهي ڪري ڇڏي ڏيڻ زُهد جو سبب هجي تہ هن کي حقيقي زُهد چوندا آهن.

(خطباتِ امام غزالی، ص191) (الاربعین فی اصول الدین، ص209)

## زهد کان اَفضل حالت

زُهد کان بہ اَفضل حالت هيءَ آهي تہ بانهي جي ويجهو مال هجڻ ۽ نہ هجڻ برابر هجي. مال ملڻ تي نہ خوش هجي نہ ئي تڪليف محسوس ڪري جڏهن تہ نہ ملڻ تي بہ اها ئي حالت هجي بلڪ ان جي حالت اهڙي ٿي وڃي جهڙي اُم المؤمنين حضرت بيبي عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي هئي جو ڪنهن سندن خدمت ۾ هڪ لک درهم عطيو پيش ڪيو تہ سندن قبول فرمايائون ۽ انهيءَ ڏينهن ورهائي ڇڏيائون. بانهيءَ عرض ڪيو: اوهان اڄ جيڪو مال ورهايو جيڪڏهن ان مان هڪ درهم جو گوشت خريد ڪيو ها تہ اسان ان

سان روزو افطار ڪيون ها. فرمايائون: جيڪڏهن اوهان ياد ڏياريو ها تہ مان ائين ئي ڪيان ها. (احياء العلوم، 235/4)

جنهن شخص جي ڪيفيت اهڙي هجي جيڪڏهن سموري دنيا بہ ان جي قبضي ۾ هجي تہ ڪو نقصان نہ تو ٿي سگهي ڇوتہ اهو مال کي پنهنجي قبضي ۾ نہ بلڪ الله پاڪ جي خزاني ۾ سمجهندو آهي ۽ ان جي ويجهو هن ڳالهہ ۾ ڪو فرق ناهي هوندو تہ مال ان جي قبضي ۾ آهي يا ڪنهن ٻئي جي ۾، اهڙي ڪيفيت واري شخص جو نالو” مُسۡتَغۡنِي “رکڻ گهرجي ڇوتہ اهو مال جي هجڻ يا نہ هجڻ ٻنهي کان بي پرواھ آهي. (احياء العلوم، 235/4)

## زُهد جو ڪمال درجو

مال جي معاملي ۾ زُهد جو ڪمال درجو هي آهي تہ ٻانهي جي ويجهو مال ۽ پاڻي برابر هجن، ظاهر آهي تہ گهڻي پاڻي جو انسان جي ويجهو هجڻ ان کي نقصان ناهي ڏيندو جيئن تہ سمنڊ جي ڪناري تي رهڻ وارو شخص ۽ نہ ئي پاڻي جو گهٽ هجڻ نقصان ڏيندو آهي، جڏهن تہ ضرورت جيترو پاڻي موجود هجي. پاڻي هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن جي انسان کي ضرورت هوندي آهي، انسان جي دل نہ گهڻي پاڻي کان نفرت ڪندي آهي ۽ نہ ئي پاسو ڪندي آهي بلڪ اهو چوندو آهي تہ مان ان مان پنهنجي حاجت مطابق پيئندس، الله پاڪ جي ٻانهن کي پياريندس ۽ ان ۾ بخل نہ ڪندُس. انسان جي ويجهو مال جي حالت هيءَ ئي هجڻ گهرجي تہ ان جي هجڻ يا نہ هجڻ سان ان کي ڪو فرق نہ پوي. جڏهن ٻانهي کي الله پاڪ جي معرفت حاصل ٿي وڃي ۽ توڪل جي دولت نصيب ٿي

وجي تہ پوءِ ان کي هن ڳالھ تي ڪامل يقين ٿي ويندو آهي تہ اهو جيستائين زنده آهي ان کي ضرورت جيتري روزي ملندي رهندي جيئن پاڻي ملندو آهي. (احياء العلوم، 237/4)

نہ مجھ کو آزما دنیا کا مال وزَر عطا کرکے    عطا کر اپنا غم اور چشمِ گِریاں یارسولَ اللہ
(وسائلِ بخشش، ص 340)

## ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-627-6

01082497



فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net